ڊاڪٽر سيد امير علي شاهه

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر بروۍ سنڌي ۾ عشق جو تصور

***Abstract:***

**The Reflect of Love in the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai's Sur Burvo Sindhi**

*The prominent poet Shah Latif has focused on the inner feelings of person. He deliberately states the human instincts with the swift touch of his wisdom. No doubt Shah Latif is great interpreter of human and personal feelings. In Sur Burvo Sindhi, Shah has focused on the love and attachment to each other. In this paper I have tried to explore the way in which Shah has interpreted enthusiasm and love.*

**سنڌ** جي سونهن ۽ سوڀيا، پيار پريت ۽ سونهن جو سرجيندڙ اسان جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي لازوال شاعريءَ جي ڪري ڏيهان ڏيهه مشهور آهي. شاهه جي شاعريءَ جي هيڪار صدين بعد به نه صرف دائم ۽ قائم آهي، پر سنڌ جي هوائن ۾ رچيل آهي. شاهه کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ جي سرزمين ڪو اهڙو شاعر پيدا ڪري نه سگهي آهي ۽ نه ئي ڪو شاهه جو مدمقابل ٿو ٿي سگهي. سندس مقبوليت جو اندازو لڳائڻ ناممڪن آهي، نه صرف پڙهيل طبقو سندس مداح آهي، پر اڻ پڙهيل به مٿس عاشق آهي.

ڀٽائي انهن اتم، اعليٰ ۽ آدرشي ڪردارن جو خلقيندڙ آهي، جيڪي ڌرتي، سماج ۽ ڪُل ڪائنات جي حسن جو ڪارڻ بڻيا. جيڪي فرضي ۽ تصوراتي به آهن ته ماڻهن سان لاڳاپيل به آهن. شاهه سائين انهن ڪردارن جي روح ۾ پيهي ويجي ٿو ۽ پنهنجي فن، فڪر، ٻوليءَ جي سونهن ۽ رنگينيءَ سان پنهنجي سوچ جي سانچي ۾ پلٽائي، جڙي ۽ مڙهي جڏهن پڪين ۽ پوپٽن وانگر اُڏائي ٿو، تڏهن اهي پنهنجن سُرن ۽ سرهاڻين سان سڄي وايو منڊل کي واسي ٿا ڇڏين ۽ ائين لڳندو آهي ته شاعر پڻ انهن ڪردارن منجهه سمايل آهي.

لطيف سرڪار جي هر سُر، هر هڪ داستان، بيت ۽ لفظ کي موضوع بڻائي،





انهن تي لکي ۽ ڳالهائي سگهجي ٿو، پر سُر 'بروۍ سنڌي' ۾ رومانوي قصن جي بدران صوفياڻي عشق جي احساسن ۽ جذبن ۾ گذرندڙ هر لمحي جا عڪس ۽ جمالياتي ڪومل ڪيفيتن جو تمام گهڻو ذڪر آهي ۽ عاشق جي نياز ۽ بيقراري ۽ معشوق جي ناز ۽ حسن کي نهايت سهڻي ۽ دلڪش نوع ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ذريعي انسان ۾ هڪ احساس پيدا ڪيو آهي، ان کي حسين بڻايو، پيار ۽ محبت کي اعليٰ درجي تي پهچايو، سندس شعر ۾ ڏک، غم، خوشيءَ، درد، اندر جي جذبات کي اپارڻ، عاشق جي درد ڀري ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ ۽ محبوب جي ياد ۾ تڙپڻ وغيره جا عڪس واضح نظر اچن ٿا.

پيار، سماج سان ۽ سماج جي فردن سان الڳ الڳ صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. مثلاً ٻارن، والدين، دوستن، گهر ۽ ڳوٺ وغيره سان پيار جو تصور پنهنجو ماڻ ۽ مانُ رکي ٿو.

”حقيقي عشق جي منزل اڃا به دور آهي، جيستائين حسن ازل سان عشق نه ٿيندو ته انسان روحانيت واري جذبي کان دور ٿي رهندو. الله پاڪ سيني ءَ کان لطيف سونهن وارو آهي. ان جو جمال هر شيءِ کان زياده ۽ ان جو جلال سڀ کان وڌيڪ طاقتور آهي. جڏهن ان جي عبديت اختيار ڪرڻي آهي ته ان عبديت ۾ صوفين وٽ عشق به ضروري آهي. صوفين جو قول آهي ته 'المجاز قنطرة الحقيقت' يعني مجازي عشق، حقيقي عشق جي پُل آهي، پر جيڪڏهن انسان مجازي پل تي بيهي رهيو ۽ الاهي عشق طرف قدم نه وڌائيندو ته پوءِ اهو عشق بي معنيٰ آهي. جيڪڏهن رڳو جنسي هَوس پرستيءَ کي عشق جو نالو ڏنو ويندو ته اهو مجازي عشق به نه آهي، ڇوته مجازي عشق ۾ به انسان سڀ ڪجهه لٽائڻ لاءِ تيار هوندو آهي.

عام طرح اسان وٽ هوس پرستيءَ کي عشق يا محبت سڏيو ويندو آهي، پر مولانا رومي جو ان لاءِ چوڻ آهي ته: ”اهو عشق نه آهي جو عام ماڻهن ۾ آهي، اهو ڳوڙ ڪٽڪ جي داڻي ڪائڻ سبب آهي.“[1]

پيار ته انساني جذبن جي اهڙي وجدان جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪائنات جا مڙئي عددَ ۽ اختلاف بي معنيٰ ٿيو وڃن. هي جذبو قلبي واردت جو اهو انڪشاف آهي، جنهن ۾ قوم، مذهب، ذات پات، طبقاتي فرق، نفرت، ڪدورت، سڀ ميٽجي سيٽجي رد ٿي هيڪڙائيءَ ۾ گم ٿي وڃن ٿا، بس پوءِ هڪ ئي تات تنوار، هڪ طلب سندس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

زندگيءَ جو مقصد ۽ مرڪز بڻجي وڃي ٿو.

صوفين چواڻي ته هن دنيا جي عجيب اسرار کي عقل وسيلي سمجهڻ ۽ پروڙڻ ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته عقل، حساب ڪتاب، علت، معلول، ڊپ ۽ خوف پيدا ڪري ٿو. صوفين جي تصور ۾ ته هن ڪائنات جي ماهيت عقل سان نه، پر عشق سان پروڙي سگهجي ٿي. عشق جرئت جو نالو آهي. عشق ۾ وجدان ۽ بي پناهه محسوس ڪرڻ جي قوت موجود آهي، جيڪا بيان نه ٿي ڪري سگهجي. عقل ۽ عشق جو اهو تضاد ازل کان ئي موجود آهي. عقل مادي علم جو ڪثرتي روپ آهي، جيڪو زمان ۽ مڪان ۾ محدود آهي، عقل نفعي ۽ نقصان جو علم آهي، عقل مروج قدرن جو علم آهي، پر عشق ۾ قدر بدلجي وڃن ٿا.

”سچ آهي ته جنهن کي عشق مولا جو ناهي سو جهنگ جو جناور آهي. صوفين عشق جي واٽ ورتي ۽ وڃي منزل رسيا، مگر نفس اماره جا شڪار ڀٽڪندا ئي رهيا. گهاٽي واري ڏاند وانگر اکيون بند ڪري هلندا رهيا، سمجهيائون ته اسان ساري دنيا فتح ڪئي آهي، مگر آخر ۾ جڏهن اکيون کولي ڏٺائون ته ساڳي جاءِ تي بيٺا آهن. شاهه صاحب، صوفين جو امام هو، هن اهوئي رستو اختيار ڪيو، جنهن لاءِ روميءَ سان روحاني رهاڻ ڪئي هئائين. سارو رسالو عشق جي داستانن سان ڀرپور آهي، ۽ نفس اماره جي جابجا مذمت آهي.“[2]

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو فڪري بنياد ئي عشق ۽ محبت آهي. جنهن ۾ فقط عاجزي آهي، پاڻ ارپڻ جو تصور آهي، خود قرباني آهي، ۽ اهو عشق نور الاهي آهي. حقيقي عشق جو رستو، مجازي دنيا ترڪ ڪرڻ آهي. شاهه لطيف وٽ ”مان“ جو عڪس بلڪل نه آهي، فقط ’تون ئي تون‘ جو ذڪر آهي. عاشق، عشق جي روح ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ ”انا“ ترڪ ٿي وڃي ٿي، هو پنهنجي پرينءَ کي اعليٰ درجو ڏيئي ٿو.

تُون صاحبزادو سُپرين، آءٌ نسورو نوڪر،
بيحد ڪريان بندگيون، هَٿَ ٻڌي حاضُر،
ڇَن ڇڏيندُس ڪِينڪي، دوست تُنهنجو دَرُ،
مُون تان مِهرَ نظرُ، پرين لاهه مَ پانهنجو.
(2/25)





(اي سپرين! مون تي پيار، مهرباني ۽ رحم جي نگاهه رکُ، تون ئي منهنجو مالڪ آهين، مان هٿ ٻڌي اوهان جي اڳيان نهنائي ڪريان ٿو. اوهان جي گهر جي چانئٺ (دروازو) ڪڏهن به نه ڇڏيندس.)

حقيقي طالب وٽ انا، آءٌ پڻو، ڏيکاءُ ۽ پاڻ پڏائڻ جو تصور بلڪل به نه آهي، سندن تون هي تون جي تنوار آهي، جن پرين کي سڃاتو، تن ”مان“ ڪڏي ڦٽو ڪيو.

”صوفي شاعرن ان موضوع کي عجيب غريب اشارن ۽ ڪناين نهايت وجدانگيز طريقي سان بيان ڪيو آهي. ڪن خدا کي معشوق، ساقي يا شمع سان ڀيٽيو آهي ته ڪن انسان کي عاشق، مينوش ۽ پروانو ڪوٺيو آهي. صوفين وٽ عشق مجازي حقيقيءَ لاءِ هڪ پل مثال آهي. هُو چون ٿا ته جو به حسن نظر اچي ٿو، پوءِ چاهي مظهر جو يا صورت جو، تجلي جو يا عادت جو، ذات جو يا صفت جو، سڀ نور ازل جو عڪس آهي.

اهل تصوف وٽ عشق جون چند منزلون آهن: آرزو ۽ جستجو، ديدار ۽ وصال. آخري منزل لاءِ چون ٿا ته ائين آهي ڄڻ ’طلب‘ هڪ ٿي وڃن ٿا. ان ۾ ’ذڪر‘ ۽ ’مذڪور‘، ’مظهر‘ ۽ ’ظاهر‘ ۽ ’ظهور‘، خلق، ’خالق‘ ۽ ’مخلوق‘، ’عاشق‘ ۽ ’معشوق‘ ائين هڪ ٿي وڃن ٿا، جيئن قطرو درياهه ۾ فنا ٿي وڃي.“[3]

حقيقي طالب پاڻ کي ئي معشوق تصور ڪندو آهي، سندن فڪر ۾ انهيءَ معشوق/پرينءَ جي ڪري ئي منهنجو وجود آهي ۽ دنيا جي هرهڪ شيءِ پرينءَ مٿان هر وقت فدا ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. شاهه لطيف انهيءَ منظر کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

ماٺهو گهُرن مالُ، آئون سڀ ڏينهن گهُران سُپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪئو نامُ نِهالُ، مون کي محبوبن جي.
(1/8)

شاهه جنهن به منظر کي چٽي ٿو ته ان ۾ گل ٽڙي ٿا پون، منجهس اکيون ڦٽي ٿيون پون، ڪيس سونهن ۽ سرهاڻ جا خزانا ملي ٿا پون.

ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”شاهه لطيف وٽ عڪس چٽا ۽ صاف آهن، هو، جنهن به نظاري جو ذڪر ڪري ٿو ته رڳو لفظ نه آهن، پر اهو نظارو اکين آڏو اچي بيهي ٿو، شاعراڻي عڪاسي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فوٽوگرافي نہ، پر ان کان بہ وڌيڪ واضح ٿئي ٿي.“[4]

لطيف سرڪار، عاشق جي ڪردار ۾ جهاتي پائي جذبن کي ڇانڊ خوبصورت انداز سان پيش ڪيو آهي:

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا سارئا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بَس نہ ڪن،
سندي سِڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.
(1/2)

(يعني تہ محبوب جي ياد ۾ اکين ۾ آب يعني پاڻي پرجي آيو ۽ اکيون زاروزار روئڻ لڳيون. دنيا ۾ حسين ۽ خوبصورت ماڻهو تہ ڪيترائي آهن، پر محبوب سائين جي جمال جو انداز ئي سڀ کان مختلف آهي.)

عشق ڪڏهن بہ عقل جي غلامي قبول نہ ڪندو آهي. خود مولانا روميءَ تي ”شمس تبريز“ جي معاملي ۾ جيڪي ٿي گذريو، سو بہ ظاهري طرح عقلمندن کي ناقابل اعتبار نظر اچي ٿو. اهو عالم جيڪو پنهنجي وقت جي سند هو. شمس تبريز سان ملاقات بعد عظيم دارالعلوم ڇڏي، جُبو ۽ دستار اڇلائي، قونيہ جي گهٽين، بازارن ۾ رقص ۽ سماع ۾ بيخود ٿي ويو. عشق ڪٿي مجازي ڇون هجي، اتي بادشاهہ، بادشاهيون ۽ عيش عشرت ترڪ ڪري سگهن ٿا، حڪمران پنهنجا تخت ۽ تاج ڦٽا ڪري، يڪتارا هٿن ۾ ڪٽي محل کان ٻاهر نڪري، فقيرن جيان نچندا ۽ ڳائيندا ٿا وتن.

لطيف سرڪار وٽ عشق صاف ۽ سچو آهي. سندس عبادت ۽ عشق ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. عشق ڪٿي عقل ۽ مت وڃائي ڇڏي تہ ڪٿي وري پهلوانن ۽ سورمن کي بہ حيران ۽ پريشان ڪيو ڇڏي.

عشق اهڙي ذات، جو مانجهي منجهائي مين ڪي،
ڏينهان ڏورڻ ڏونگرين، رئڻ سڄيائي رات،
اُتي وينجي تات، ميان محبوبن جي.
(3/1)

شاهہ سُر بروي سنديءَ ۾ پرينءَ جي سِڪ، درد ۽ فراق ۾ عاشق جي جذبن جي مختلف ڪيفيتن جي عڪاسي ڪئي آهي. جڏهن حقيقي طالب عشق جي منزل کي پهچي ٿو تہ پوءِ سڀ کان وڌيڪ اهميت پنهنجي سپرينءَ کي ڏئي ٿو. شاهہ صاحب ڇا نہ





باريڪ بينيءَ سان محبوب سائينءَ جي تعريف ڪئي آهي، جنهن جو مثال دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر وٽ ملڻ مشڪل آهي. ڀٽائي بادشاهہ فرمائي ٿو تہ:

ناز منجهان نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌُ،
پونءِ پڻ ”بسم الله“ چئي، راهہ چُمي ٿي رندُ،
سائينءَ جو سوڳند، ساجن سينئان سهڻو.
(2/11)

(مطلب تہ جڏهن پرين ناز منجهان نڪري پند ٿو ڪري، تڏهن زمين پڻ ’بسم الله‘ چئي ٿي، حورون بہ حيران ۽ پريشان ٿي وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ منهنجو سپرين سڀ کان وڌيڪ حسن ۽ جمال وارو آهي.)

”شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ ان محبت لاءِ ڪنهن بہ قسم جي فاصلي جو ڪو قيد نہ هوندو آهي. محبوب هر وقت دل ۾ سمايل هوندو آهي. ان محبت جي اڻ ٽٽ ۽ پختي رشتي لاءِ ڪنڌي مينهن جي وريل سڱن جي تشبيهہ ڏيندي فرمائي ٿو تہ منهنجو، پرينءَ جي دل سان يا پرينءَ جو منهنجيءَ دل سان اهڙو تہ پختو پيچ پاتل آهي، ٻنهي جو پاڻ ۾ اهڙو وراڪو ڏنل آهي، جهڙو ڪنڌيءَ مينهن جي سڱن جو پيچ يا وراڪو، جيڪو ڪڏهن بہ کلي نہ سگهندو.“[5]

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي سنبرجن نہ ڪڏهن، ڪي وسرن نہ مور،
جيئن مينهن ڪنڌيءَ پُور، تيئن دوست وراڪو دل سين.
(1/6)

مطلب تہ ڪڏهن ڪڏهن سپرين ويجها بہ پري هوندا آهن تہ ڪڏهن وري پري بہ تمام ويجهي هوندا آهن، ڪڏهن وري ياد بہ نٿا پون تہ ڪڏهن هرگز نٿا وسرن.

عشق خود لطيف سائين جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو هو، جو سندن ننڊ ۽ آرام حرام ٿي چڪا هئا. زندگيءَ جو هر لمحو هنن لاءِ بارِ گران ٿي پيو، نيٺ گهر ترڪ ڪيائين ۽ ڀٽن بيابانن طرف رخ رکيائين سندس ڪاڻ پيئڻ ۽ جيئڻ حرام هو.

شاهہ لطيف، پرينءَ جي ياد ۾ تڙپڻ واري ڪيفيت هن طرح بيان ڪئي آهي:

جڏهن پئي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فريادُ، ناگهہ وڃن نڳئو.
(2/10)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطيف وٽ عشق جا مختلف رنگ ۽ روپ آهن، جنهن ۾ عاشق جي ڪيفيتن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي. جڏهن پرينءَ سان ملاقات ڪئي ويندي آهي ته ان لمحي جي خوشبو ئي نرالي هوندي آهي، پر جڏهن محبوب کي ياد ڪيو وڃي ته ان پل ئي دوست جو ديدار ٿي وڃي ته ان پل جي ڪيفيت جو وري هڪ الڳ لطف ۽ سڪون هوندو آهي.

اچين جي هيڪار، مون سارينديِ سپرين!
پيرين ڌريان پنبڙيون، هنڌ وڇايان وار،
ساجن! سڀ چمار، گولي ٿي گذاريان.
(3/24)

(يعني هڪ وار سپرين جو ديدار نصيب ٿئي ته ساڻن سڀ چمار نوڪر ٿي رهان.)

”جنهن جو عشق الله سان آهي، سوئي سڪي ٿو گذاري. محبوب جو قرب نيازمنديءَ سان حاصل ٿئي ٿو. ڪڏهن ڪيس مشاهدو حاصل آهي ته ڪڏهن اندازو. پسڻ ته پري رهيو! جڏهن کان سڄڻ سفر سِڌاريو آهي، تڏهن کان عاشق کي رات جو راحت ناهي ۽ ڏينهن جو حيراني اٿس.“[6]

شاهه لطيف چوي ٿو ته رات ۽ ڏينهن پرينءَ جي ياد ۾ پريشان ۽ بيقرار آهيان، ان جي سڪ اهڙي، جو منَ ۾ سمائجي ئي نٿي. ڪڏهن سڄڻ تلخ ته وري ڪڏهن مناس وارا آهن، ته به پرين اسان کي عزيز ۽ پيارا آهن:

راتيان ڏينهان روح ۾، ٿي لوچان لالڻ لاءِ،
سڪ پريان جي سيد چئي، اندر مون نه ماءِ،
ڪڏهن قاتلان ڪوڙا پرين، ڪڏهن مٺا ماکيءَ ساءِ،
ڪڏهن مڙن ميڻ جيئن، ڪڏهن لوهه پهه ناهي جاءِ،
ڪڏهن ڪٽن عين احسان جا، ڪڏهن کهل نه پوين ڪاءِ،
ڪڏهن پرين پٽائين ڪنڌرا، ڪڏهن ڏاڍا ڏونگر ڪاءِ،
عجب جهڙي آهه، صحبت سپيرين جي.
(2/23)

يعني ڪڏهن پرين موم جيان ته ڪڏهن رُڪ، ڪڏهن مهربان ته ڪڏهن قياس ۽ رحم به نه ڪن ٿا، ڪڏهن پَٽ (جي ڪپڙي) کان به نرم، ڪڏهن وري ڏاڍا ڏونگر ڪان. اسان لاءِ صحبت پرينءَ جي انمول آهي.





شاهه صاحب عاشق کي محبوب جي هيرائڻ واري پرلطف احساس ۾ خود جڪڙجي، محبوب جي ناز جو ۽ هر لمحي طبيعت بدلجڻ واري احساسن کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪڏهن تاڪيون ڏين، ڪڏهن ڪلن دَر دوستن جا،
ڪڏهن اچان اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
ڪڏهن سڪون سڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين!
(2/24)

(پرين ڪڏهن درن کي تاڪيون ڏيو بند ڪيو ڇڏين، ڪڏهن سندن در ڪلن ٿا. اجا ته اچڻ جي اجازت نه مليم. ڪڏهن پاڻ مون کي سڏيو ساڻ وٺيو وڃن، ڪڏهن سڏ لاءِ سڪان پيو، ڪڏهن مون سان ڳجها راز اچيو سلين، منهنجا سپرين اهڙي ئي رنگ جا مالڪ آهن.)

”صوفين لاءِ ته سندن عبادت ئي اهو عشق آهي. تصوف نالو ئي آهي عشق جو ۽ اهو عشق صرف انسان ئي ڪري سگهن ٿا.

ناهي ميسر ملڪن، اها امانت عشق جي

اهو عشق انسانيت جو معراج آهي. اهو درد دل ڪن ٿورن کي نصيب ٿيندو آهي. اها عشق جي سعادت هر ڪنهن کي نصيب ڪانه ٿيندي آهي، ان لاءِ جند ۽ جان قربان ڪرڻا پوندا آهن، سسي نيزي پاند اچلڻي پوندي آهي.“[7]

اصل ۾ عشق جي زبان ئي ’تون ئي تون‘ آهي. عاشق جي من ۾ ئي پنهنجي سڄڻ جي تات ۽ تنوار آهي. هو پرينءَ جي اڳيان عاجزيءَ جو رستو اختيار ڪري ٿو ۽ ’مان‘ کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. مطلب ته عشق انسان کي اصل انسان جو تصور سمجهائي ٿو ۽ ان ۾ احساسات جو عڪس پيدا ڪري ٿو. عاشق جڏهن عشق جي انتها کي رسي ٿو ته پوءِ سڀ ڪجهه محبوب کي ئي ارپي ڇڏي ٿو.

آءٌ ته پرچون پاڻ ۾، رُسي رنڊ مَر رات،
اسين تائب تنهنجا، تون زورآور ذات،
سڄڻ گهڙي ساعت، اوِر ته نرن اکيون.
(3/17)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطيف اڳتي فرمائي ٿو ته:

اچن جي اوطاق، مون ساريندي سپرين،
مون جيهو مشتاق، ڏسي لاهي ڏڪڙا.
(3/23)

(يعني جيڪڏهن هڪ وار پرين گهر اچي ۽ ان کي ڏسڻ سان ئي مون مشتاق جا سڀ درد ۽ ڏک لهي ويندا.)

مولانا جلال الدين رومي لکي ٿو: "يقين ڄاڻ ته هڪڙي دل کي ٻيءَ دل جي طرف رستو ٿئي ٿو، ٻئي دليون هڪٻئي کان الڳ رهي نٿيون سگهن، ڏسو ٻه ٽڪر جا ڏيئا جيتوڻيڪ هڪٻئي کان الڳ رکيل هوندا آهن، تڏهن به انهن ٻنهي جي روشني پنهنجي ڦهلاءَ ۾ گڏيل رهي ٿي. ڪوبه عاشق پنهنجو پاڻ وصل جو طالب نٿو ٿي سگهي، جيستائين معشوق ۾ ان جي طلب پيدا نٿي ٿئي."[8]

شاهه لطيف چوي ٿو ته منهنجو جيءُ سڄڻ پاڻ سان ڳنڍي سوگهو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو ڪڏهن به الڳ ٿي نه سگهندو.

جيئن ڪڙو منجهه ڪڙي، سو لُهارن لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سوگهو ڪيو.
(1/7)

جيئن لُهار زنجير جو هڪ ڪڙو ٻئي سان جڪڙيندو آهي ته منهنجو ۽ پرينءَ جو رشتو به هڪٻئي ۾ ائين سمايل آهي.

عشق اها پاڪ باهه آهي، جنهن کي روشن رکڻ لاءِ سيئي خيال، جذبا، خوشيون، اميدون ۽ آسرا، جيڪي انسان جي من اندر موجود آهن، اهي ايرن ٿا. حقيقي عشق ته انسانيت سيکاري ٿو، خالص سوچ جو تصور ڏئي ٿو، انسان کي ٻين لاءِ زنده رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو گس ڏيکاري ٿو.

ڪڏهين تان ڪونه ٿئوم، آسارو عشق جو،
محبوبن منٿون ڪري، سکڻ سيکارئوم،
توهان پوءِ ٿئوم، پاٿهين پسڻ پرينءَ جو.
(2/13)

يعني محبوب جي عشق ئي مون کي سکڻ سيکاريو، ان کان پوءِ ئي پنهنجي





پاڻ کي سڃاڻي پرينءَ جو ديدار نصيب ٿيو.

مجموعي طور تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سُر بروي سنديءَ ۾ عشق تمام نرالو بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ نياز نوڙت، ايلاز منٿ، ليلائڻ ۽ عاجزي آهي. ان ئي سُر ۾ عشقيه موضوع دلڪش ۽ دلپذير آهن، انهن موضوعن ۾ اهڙيءَ ته خوبيءَ سان الاهي رمزون ۽ باطني حقيقتون پيش ڪري ٿو، جن کي سڃاڻڻ ۽ عشق کي سمجهڻ آسان ٿيو پوي.

شاهه صاحب جي هن سُر ۾ پيار ئي پيار آهي، محبوب سائينءَ جي تعريف ئي تعريف آهي، فراق جي صدمن جو بيان آهي. مهر ۽ وفا جون موجون ۽ عزم ۽ همت جا پهاڙ آهن، جنهن جي ڪري عاشق خود معشوق بڻجيو وڃي ٿو ته محبوب به عاشق ٿيو وڃي ٿو.

## حوالا


1. پڙڳڙي، عبدالغفور، "زندگيءَ جو سفر (رومي، شاهه ۽ اقبال)"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع، ص: 155.
2. پڙڳڙي، عبدالغفور، "زندگيءَ جو سفر (رومي، شاهه ۽ اقبال)"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع، ص: 163.
3. گرامي، غلام محمد، "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1992ع، ص: 55.
4. عباسي تنوير، ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعري"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1995ع، ص: 153.
5. شاهه، ام ڪلثوم، ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع، ص: 335.
6. آڏواڻي، ڪلياڻ، "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي"، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2004ع، ص: 362.
7. فهميده حسين، ڊاڪٽر، "اديون آءٌ اڃاڻ"، (شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ فلسفي جو مختصر جائزو) ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ص: 196.
8. رومي جلال الدين، مولانا، سنڌيڪار: غلام محمد شاهواڻي، 'مثنوي رومي'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2003ع، ص: 329.


نوٽ: هن مقالي ۾ آيل شاهه صاحب جا بيت "شاهه جو رسالو" ڀانهون خان شيخ، جلد ٻيو، ڇپائيندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ تان ورتا ويا آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair